SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2015
# SINDH ACT NO.VII OF 2015
# سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) ايڪٽ، 2014
# THE SINDH PUBLIC PRIVATE PARTNERSHIP (AMENDMENT) ACT, 2014

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات
Sections
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.V of 2010
3. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 2010
4. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act No.V of 2010
5. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Sindh Act No.V of 2010
6. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Sindh Act No.V of 2010
7. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي شيڊول-I جي ترميم
Amendment of Schedule-I of Sindh Act No.V of 2010

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2015
# SINDH ACT NO.VII OF 2015
# سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) ايڪٽ، 2014
# THE SINDH PUBLIC

# PRIVATE PARTNERSHIP (AMENDMENT) ACT, 2014

[9 جنوري 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.V of 2010

2.سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاڙهايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾:

(i)شق (x) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“(x)“پبلڪ پرائيويٽ پائيواري جا معاهدا” مطلب ۽ جنهن ۾ شامل آهن سمورا انتظام ۽ لکت ۾ معاهدا، جيڪي حڪومت ۽ پرائيويٽ پارٽي وچ ۾ پبلڪ انفرااسٽرڪچر، برادري سهولتون ۽ لاڳاپيل خدمتون فراهم ڪرڻ جي مقصد لاءِ ڪيا وڃن؛”؛

(ii)شق (z) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(z-i)“سروس” مطلب ڪي پروفيشنل سرگرميون جيڪي عوامي ملڪيت ۾ اداري يا سهولت يا لاڳاپيل مقصد لاءِ عوام کي فائدو پهچائڻ سان لاڳاپيل هجن؛”؛

(iii)شق (bb) ۾ لفظ ““فنڊ” کانپوءِ لفظ ““يا ڪي ٻيا اثاثا” شامل ڪيا ويندا.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 2010

3.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (4) ۾، لفظن ““۽ جو” کي ڪاما ۽ لفظن ““سول سوسائٽي آرگنائيزيشنز، پبلڪ سيڪٽر يا ٻي ڪا تنظي، سوسائٽي يا ڪمپني جيئن حڪومت مناسب سمجهي” سان تبديل ڪيو ويندو.

2010 جي سنڌ

ايڪٽ نمبر V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act No.V of 2010

4.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 جي ذيلي دفعه (2) ۾ شق (l) کانپوءِ هيٺين ريت شامل ڪيو ويندو:
“(I-A) اهڙا ماڻهو ملازمت تي رکڻ جيڪي هن ايڪٽ تحت سونپيل ڪمن ۽ ذميدارين جي ڪارڪردگي لاءِ ضروري سمجهي، جيڪي ماليات کاتي، حڪومت سنڌ طرفان وقت بوقت ڄاڻايل هيومن ريسورس پاليسي ۽ گائيڊ لائينز تحت هلايا ويندا.”

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Sindh Act No.V of 2010

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪيو ويندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Sindh Act No.V of 2010

6.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 21 جي ذيلي دفعه (1) ۾:
(a)شق (iv) ۾ لفظ “۽” کي ختم ڪيو ويندو؛
(b)شق (iv) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:
“(v) اعزازي امداد قبول ڪرڻ، پرائيويٽ پارٽي طرفان پوءِ اها مالياتي هجي يا غير مالياتي بشمول پر خيرات، انسان دوست تحفن يا ميراث تائين محدود نه هجي؛”.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي شيڊول-I جي ترميم
Amendment of Schedule-I of Sindh Act No.V of 2010

7.شيڊول -I ۾، داخلا “ٽورزم ۽ ريزورٽ ڊولپمينٽ” کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيون وينديون:
“صحت جون خدمتون
تعليم جون خدمتون
سماجي ڀلائي
خاص تعليم
عورتن جي ڀلائي
يا ٻيو ڪو سيڪٽر يا سروس جيئن بورڊ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ موڊ تحت هلائڻ جي منظوري ڏئي.”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**